# خُدا

## جو دنيا سان ازلي پيار



ڏسو، خدا دنيا سان ايترو ته پيار ڪيو جو هن پنهنجو هڪڙو ئي فرزند ڏنو ته جيڪو به مٿس ايمان آڻي سو برباد نه ٿئي پر کيس دائمي زنگي ملي.




ليکڪ
چپلن جان ميڪٽرنن
Founder of Parent Site:
USA Prophecy.com

بائبل مقدس جو هي صحيفو قرطاس اسان جي رهنمائي ڪري ٿو ته خدا پاڪ اسان سان پيار ڪري ٿو. انهيءَ ڳالهه جو ڪوبه فرق نه آهي ته اوهان جي عمر يا جنس ڪهڙي آهي. اوهان وٽ دولت آهي يا زندگيءَ جي ڪهڙي رتبي تي آهيو. اوهان جو ماضي ڇا آهي. ڇاڪاڻته خدا انهن شين کان وڌيڪ اوهان سان پيار ڪري ٿو. هي ڄاڻي ڪري تمام گهڻو دلي سڪون ملي ٿو ته ڪائنات جو خالق اوهان سان بيحد پيار ڪري ٿو. پاڪ خدا جيڪو تمام ناقابل يقين طاقت جو مصدر آهي. بائبل مقدس به بنيادي طور ٻڌائي ٿي ته خدا پيار آهي ۽ هو اوهان سان پيار جي رشتي ۾تمام گهڻي دلچسپي رکي ٿو. انهيءَ جو سبب هي آهي ته **خدا پيار آهي.**

پر جيڪو پيار نه ٿو ڪري سو خدا کي نه ٿو ڄاڻي،
ڇاڪاڻته خدا پيار آهي. 1 يوحنا 8:4

خدا اسان کي پنهنجي شڪل و صورت تي پيدا ڪيوآهي. انهيءَ جو مطلب هي ٿيو ته خدا پيار آهي ۽ هن اسان کي پنهنجو پيار اسان کان وٺڻ ۽ ڏيڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي. انهيءَ لاءِ اسان جي اندر ۾ هڪڙي اهڙي جاءِ آهي جيڪا خدا جي پيار لاءِ ٺاهي ويئي آهي. جسماني طور اسان کي زندگي گذارڻ لاءِ ٽن بنيادي شين جي ضرورت هوندي آهي جهڙوڪ: هوا، پاڻي ۽ خوراڪ. هوا کان سواءِ اسين ڪجهه منٽن ۾ مري سگهون ٿا. پاڻيءَ کان سواءِ اسين ڪجهه ڏينهن تائين جيئرا رهي سگهون ٿا ۽ خوراڪ کان سواءِ اسين تقريباً هڪ مهيني تائين جيئرا رهي سگهون ٿا. اهڙيءَ طرح اسان کي روحاني طور به جيئرو رهڻ لاءِ پيار، ايمان ۽ اميد جي ضرورت هوندي آهي. ڇاڪاڻته پيار کان سواءِ ماڻهو نفرت انگيز ڪم،



بيرحم ، جذباتي قاتل ۽ خدا سان نفرت ڪرڻ وارا ٿي سگهن ٿا. اهڙا ماڻهو روحاني طور مئل هوندا آهن. پر خدا جي پيار سان ڀريل ماڻهو، امن، خوشي، رحم ۽ مهربانيءَ سان ڀريل هوندا آهن.

حقيقي طور پيار جو رشتو ڇا آهي جيڪو خدا اسان سان چاهي ٿو؟ هي رشتو اهڙو آهي جيڪو هڪ پيار ڪندڙ پيءُ پنهنجي ننڍي ٻارن سان ڪري ٿو. هي هڪ تمام خاص ۽ نرم احساس آهي جڏهن ٻار بابا يا عبراني ٻوليءَ ۾ (ابا) چوندا آهن. هي پيار تمام گهڻو طاقتور آهي. اهڙيءَ طرح اسان جو آسماني خدا پيءُ پنهنجي ٻارن کي نہ ڪڏهن وساري ٿو ۽ نہ وري ڪڏهن ڪين ڇڏي ڏئي ٿو.

> ڏسو، اوهان کي اهو روح نہ مليو آهي جيڪو اوهان کي وري ڊپ جو غلام بڻائي. پر اوهان کي اهو روح مليو آهي جنهن جي وسيلي اوهين خدا جا ٻار مقرر ڪيا ويا آهيو. انهيءَ روح جي ڪري اسين سڀيئي خدا کي ”بابا، اي بابا!“ ڪري ٿا پڪاريون. رومين 15:8

اوهين ڪيئن يقين ڪري سگهو ٿا تہ خدا اوهان سان پيار ڪري ٿو؟ بغير حقيقت جي لفظ چوڻ سَولا آهن . اهڙا بيشمار ماڻهو آهن جيڪي پيشہور ڪوڙا آهن سي اوهان کي اوهان جي لفظن سان سَولائيءَ سان بيوقوف بڻائي سگهن ٿا. پرکڻ کان سواءِ لفظن تي يقين ڪرڻ تمام ڏکيو آهي. ڪنهن جي لفظن کي جاچڻ لاءِ انهيءَ جي بهترين طريقہ ردعمل کي ڏسڻو پوندو. هي هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو حقيقي انسان کي ظاهر ڪري ٿو.

خدا جي ردعمل کي جاچڻ سان اسين سندس ڪلام تي پورو ڀروسو ڪري سگهون ٿا.



قابلِيقين ثبوت هي آهي تہ خدا پنهنجي هڪڙي ئي فرزند عيسيٰ مسيح کي اوهان جي گناهن جو ڪفارو ادا ڪرڻ لاءِ صليب تي مصلوب ٿيڻ لاءِ ڏنو- انهيءَ کان وڏو ٻيو ڪو ثبوت ٿي بہ نہ ٿو سگهي-

خدا پنهنجو پيار اسان سان هن طرح ظاهر ڪيو
جوهن پنهنجو هڪڙو ئي فرزند دنيا ۾ موڪليو،
تہ جيئن انهيءَ جي وسيلي اسين نئين زندگي
حاصل ڪريون- 1 يوحنا 9:4

## هن پنهنجو هڪڙو ئي فرزند موڪليو

سو جيڪي انساني فطرت جي تابع آهن تن جي سوچ
دنياوي آهي، پر جيڪي پاڪ روح جي تابع آهن
تن جي سوچ روحاني آهي- رومين 5:8

خدا پاڪ عيسيٰ المسيح کي مجسم ڪلام بڻائي هن دنيا ۾ موڪليو تہ جيئن هو اسان جي لاءِ مصلوب ٿئي ۽ اسان جي خاطر پنهنجو رت وهائي تہ جيئن اسان جي گناهن جو ڪفارو ادا ٿي سگهي- ڇاڪاڻتہ خدا پاڪ آهي ۽ سندس پاڪيزگي اسان کي گناهہ جي سزا کان سواءِ فردوس ۾ وڃڻ جي اجازت نہ ڏيندي- دوزخ هڪڙي اهڙي جڳہ آهي جتي هر سزا خدا کان عليحدگي آهي- جڏهن تہ خدا پاڪ آهي ليڪن عيسيٰ مسيح جي وسيلي پنهنجي پيار جي ڪري هن اسان جي گناهن جو ڪفارو ادا ڪري ڇڏيو آهي- انهيءَ پيار ۾ هاڻي اسان کي (خدا پيءُ) جي بادشاهيءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ جي يقين دهاني حاصل آهي-



بيشڪ گناهہ جو اجورو موت آهي، جڏهن تہ
خدا اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جي وسيلي
اسان کي پنهنجي فضل واري بخشش يعني
دائمي زندگي عطا ڪري ٿو- رومين 23:6

## جيڪو بہ مٿس ايمان آڻي سو برباد نہ ٿئي پر کيس دائمي زندگي ملي

بائبل مقدس ۾ هڪ مثال موجود آهي- اهو واقعو ظاهر ڪري ٿو تہ جيڪو بہ عيسيٰ مسيح کي پڪاريندو سو دائمي زندگي حاصل ڪندو- سڙڪ جي ڪناري تي هڪ انڌو فقير ويٺو هو جنهن جو نالو انڌو برتمئي هو- هن کي نوڪري ڪانہ هئي ۽ نہ وري کيس رهڻ لاءِ ڪا جاءِ هيس- پر هو جيئرو رهڻ لاءِ پنڻ تي مجبور هو- هڪ ڏينهن هن هڪ وڏي ميڙ جو آواز ٻڌو ۽ پڇيائين تہ اهو ڪهڙو شور آهي تہ کيس ٻڌايو ويو تہ هتان عيسيٰ ناصري لنگهي رهيو آهي- هن عيسيٰ کي پڪاريو پر ميڙ کيس خاموش رهڻ لاءِ چيو، پر هن ميڙ جي پرواهہ نہ ڪندي وڌيڪ زور سان عيسيٰ مسيح کي عيسيٰ ناصري جي نالي سان پڪارڻ لڳو- عيسيٰ مسيح اُتي بيهہ رهيو ۽ چيائينس تہ انڌي برتمئيءَ کي مون ڏانهن وٺي اچو- عيسيٰ مسيح هن جي اکين کي ٺيڪ ڪيو ۽ چيائينس تہ تنهنجي ايمان تو کي بچايو آهي- خدا جو پيار هن انڌي فقير تي ائين ظاهر ٿيو تہ سندس اعتراف سان گڏ هن جون اکيون کلي پيون ۽ زندگي بہ مليَس- خدا جو پيار جيڪڏهن انڌي برتمئيءَ وٽ پهچي سگهي ٿو تہ يقيناً اوهان وٽ بہ ضرور پهچندو-

## دائمي زندگي

بائبل مقدس فرمائي ٿي تہ خدا دنيا سان پيار ڪري ٿو ليڪن جيڪي عسيٰ مسيح کي پنهنجو ڇوٽڪارو ڏيندڙ ڪري قبول ڪن ٿا سي ئي خدا جي بادشاهيءَ ۾ داخل ٿيندا. مڪاشفي جي ڪتاب ۾ هڪڙي آيت آهي جيڪا اسان کي ٻڌائي ٿي تہ اُهي ماڻهو خدا جي بادشاهيءَ ۾

داخل ڇو آهن؟ انهيءَ لاءِ جو انهن يقين ڪيو ته عيسيٰ مسيح مصلوب ٿيو ۽ سندن گناهن خاطر پنهنجو رت وهايو آهي. اهي ماڻهو هر ٻوليءَ ۽ هر قوم مان آهن. اهو انهيءَ لاءِ آهي ڇاڪاڻ ته خدا دنيا سان پيار ڪري ٿو.

گهيٽڙي جي پيرن تي ڪرندي ئي اهي هڪڙو
نئون گيت ڳائڻ لڳا ته”تون ئي اهو ويڙهوتو وٺڻ
۽ انهيءَ جي مُهرن کي ٽوڙڻ جي لائق آهين،
ڇاڪاڻ ته تون ڪُٺو ويو هئين،۽ تو پنهنجي رت سان
سڀ ڪنهن قوم، قبيلي، ٻوليءَ ۽ ذات منجهان
ماڻهن کي خدا جي لاءِ خريد ڪيو آهي.“ مڪاشفو 9:5

# دُعا

خدا جي پيار ۽ دائمي زندگيءَ جي يقين دهاني حاصل ڪرڻ لاءِ آءٌ رجوع آڻيان ٿو ته آءٌ مسيح مصلوب تي ايمان آڻيان ٿو ۽ توبه ڪريان ٿو ته عيسيٰ جي رت وهائڻ وسيلي منهنجي گناهن جي قيمت ادا ڪئي ويئي آهي. آءٌ ايمان رکان ٿو ته عيسيٰ مسيح پاڪ روح جي قدرت سان مري ويلن مان جيءُ اٿيو آهي. آءٌ عيسيٰ مسيح کي پنهنجو خدا ۽ ڇوٽڪارو ڏيندڙ طور قبول ٿو ڪريان. عيسيٰ مسيح منهنجو ڇوٽڪارو ڏيندڙ آهي ۽ سندس ئي وسيلي مون کي دائمي زندگي ملي آهي. آءٌ خدا پيءُ جو ۽ پنهنجي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسيٰ مسيح جو شڪر ادا ٿو ڪريان. آمين.

هن ته پنهنجو فرزند به اسان ڪان پري نه رکيو،
بلڪ ڪيس اسان سڀني جي خاطر موت جي
حوالي ڪيو. پوءِ ٻي ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا
هو انهيءَ سان گڏ اسان کي نه ڏيندو؟ رومين 32:8

آرگنائزر
پاسٽرسالڪ جان
مبشرجميل سالڪ
رابطي لاءِ
0300-6606310
revsalikjohn@gmail.com
ايمبيسڊرآف گاڊ چرچ اينڊ منسٽريزانٽرنيشنل